
# اُمَّتِ مسلمه
# آخري اُمَّت ڇو؟

**10-August-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

10 آگسٽ، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو

# اُمّتِ مسلمہ آخري اُمّت ڇو؟

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ...اُمّت مسلمہ جي هڪ اهم ترين ذميداري
- ...اُمتِ مسلمہ جي اهميت ۽ فضيلت
- ...قيامت جي ڏينهن اُمت مسلمہ جي گواهي
- ...جشنِ آزادي ڪيئن ملهايون.....؟

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا رَسُوۡلَ اللہ — وَعَلٰی اٰلِکَ وَ اَصۡحٰبِکَ یَا حَبِیۡبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا نَبِیَّ اللہ — وَعَلٰی اٰلِکَ وَ اَصۡحٰبِکَ یَا نُوۡرَ اللہ

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت سَهل بن سعد رَضِیَ اللہ عَنۡہ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم باهر تشريف وٺي آيا، هن موقعي تي حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللہ عَنۡہ اڳتي وڌي ڪري عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، اڄ چهري مبارڪ تي خوشي جا آثار معلوم ٿي رهيا آهن. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ هاڻي هاڻي جبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام مون وٽ آيو ۽ ان عرض ڪيو: اي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن اوهان تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جي نامۂ اعمال ۾ 10 نيڪيون لکندو ۽ 10 گناهہ مِٽائيندو ۽ 10 درجات وڌائيندو.[1]

اُن پر درود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں — اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[(2)]

وضاحت: اهي پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي دُرود ۽ سلام هجن.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب — صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] حلية الاولياء، جلد:1،صفحه:120

[2]... حدائقِ بخشش، صفحه:209۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيترو دير تي سگهيو گوڏن ير يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس گهُورڻ، جهڻڪڻ، تڪرار ڪرڻ کان بچندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس.

اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

89 سن هجري جي ڳالھ آهي، سرانديپ(هاڻوڪي سري لنڪا) جي علائقي مان هڪ قافلو ساموندي رستي کان ٿيندي عرب شريف روانو ٿيو، ان قافلي ۾ مسلمان بہ هئا، جيڪي حج يا عمرو ڪرڻ جي اِرادي سان روانا ٿيا هئا، انهن ۾ عورتون بہ شامل هيون، هي قافلو جڏهن سنڌ جي ساحلي پٽي کان گذريو تہ انهن تي ڪجھ ڌاڙيلن حملو ڪري ڏنو، انهن جو سازوسامان ڦري ڪري کين قيدي بڻائي ڇڏيو.

انهن قيدين کي دَيْبُل نالي هڪ قلعي ۾ رکيو ويو. جڏهن اها خبر ان وقت جي مسلمان حڪمران کي پئي تہ ان فوري طور رهائي جي ڪوشش شروع ڏني، ان وقت سنڌ جو حڪمران راجہ ڏاهر هيو جيڪو غيرمسلم(يعني هندو) هيو، اهو

[1] بخاري، ڪتاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1۔

جڏهن قيدين کي ڪنهن طرح آزاد ڪرڻ تي راضي نہ ٿيو تہ هڪ 17 سالن جي نوجوان حضرت محمد بن قاسم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي سندس سربراهي ۾ هڪ وڏو لشڪر ڏئي روانو ڪيو ويو، حضرت محمد بن قاسم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دَيبُل پهتو، ڪافي ڏينهن جنگ جاري رهي، آخرڪار دَيبُل کي فتح ڪري ورتو ۽ قيدين کي آزاد ڪرائي ورتو.

دَيبُل جي قلعي جي جيل خاني جو جيڪو جيلر هيو، ان مسلمان قيدين وٽ ڏينهن رات گذاريا هيا، سندن اخلاق، انهن جي عبادت ڪرڻ جو انداز ان پنهنجي اکين سان ڏٺو هيو ۽ هي ڪانئن تمام گهڻو متاثر ٿي چڪو هيو، جيئن تہ جنهن وقت مسلمانن جي لشڪر دَيبُل جي قلعي تي فتح جو جهنڊو لهرايو هيو، جيل خاني جي ان نگران کي حضرت محمد بن قاسم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سامهون پيش ڪيو ويو، ڪيس اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني. هي شخص مسلمانن جي اخلاق، انداز ۽ عادتن کان اڳي ئي متاثر ٿي چڪو هيو، جيئن تہ ان فوري طور ڪلمو پڙهيو ۽ مسلمان ٿي ويو.[1]

پياراسلامي ڀائرو! هي آهي مسلمانن جو پيارو اخلاق، پيارو پيارو ڪردار...!! جنهن کي ڏسي ڪري غير مسلم ڪلمو پڙهي وٺندا هئا. هي صرف هڪ جيلر جي ڳالهہ ناهي. محمد بن قاسم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جڏهن سنڌ کي فتح ڪيو تہ ان علائقي جو ظاهري نقشو جيتوڻيڪ اهو ئي هيو پر هتان جو انداز، هتان جي رهڻ وارن جون عادتون، طور طريقا ۽ اخلاق مٽجي ويا هئا، هي ئي دَيبُل جو قلعو جيڪو پهريان ڪفر ۽ شرڪ جو اڏو هيو، بعد ۾ علمِ دين جو تمام وڏو مرڪز بڻجي ويو، هتي وڏن، وڏن عالمن، محدثن جنم ورتو، هن کان علاوه سڄي سنڌ ۾ ئي علمِ دين پکڙجي ويو، هتي وڏا وڏا عالم پيدا ٿيا، هتي حَضرت بايزيد بسطامي

[1] محمد بن قاسم اور اس کے جانشين ،صفحہ:29 تا 39 خلاصةً

رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْہ جهڙي اعلي رتبي واري ڪامل بزرگ جا هڪ استاد ابو علي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْہ بہ سنڌي هئا، انهن کان سندن تصوف جو علم سکيو هو.[1]

ملتان جيڪو هاڻي مدينةُ الاولياء سڏجي ٿو، اسان جي ملڪِ عزيز پاڪستان جو مشهور شهر آهي، سنڌ فتح ٿيڻ کان پهريان هي شهر غيرمسلمن جو هڪ اهم مرڪز هيو، جيئن اڄ اسان حج ڪرڻ جي لاءِ مڪي شريف ويندا آهيون، غيرمسلم پنهنجا مذهبي تِهوار ادا ڪرڻ جي لاءِ ملتان ايندا هئا پر جڏهن محمد بن قاسم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْہ ملتان فتح ڪيو تہ ان کان بعد مسلمانن جي دور حڪومت ۾ انداز ڪهڙو هيو؟ تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيل آهي: ملتان ۾ علومِ قرآن جي تمام گهڻي رغبت هئي، هتي وڏا وڏا قاري هوندا هئا، ملتان جي بازارن ۾ عورتون نظر ئي نہ اينديون هيون، ماڻهو شراب ۽ بدڪاري وغيره جو نالو وٺڻ ئي پسند نہ ڪندا هئا، واپار جو انداز بدلجي ويو هيو، خريد ۽ فروخت ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ، ماپ تور ۾ گهٽتائي ڪرڻ، هيراڦيري ڪرڻ يعني دوکو ڏيڻ وغيره هي سيئي گناه نہ هجڻ جي برابر هئا.[2]

سُبْحٰنَ الله! هي آهي پهريان جي مسلمانن جو پيارو اخلاق و ڪردار...!! هي باڪردار، بااخلاق ماڻهو جنهن سرزمين تي قدم رکندا هئا انهن جي قسمت ئي سنواري ڇڏيندا هئا، اتان گناه متجي ويندا هئا، معاشري مان برائين جو خاتمو ٿي ويندو هيو ۽ گهر گهر ۾ نيڪين جي بهار اچي ويندي هئي

## پاڪستان اللّٰہ پاڪ جي وڏي نعمت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! 3 ڏينهن کان بعد 14 آگسٽ آهي، هي اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! پاڪستان جي 76 سالگره ملهائي ويندي، اللّٰہ پاڪ اسان جي وطن عزيز کي سلامت رکي، شاد و آباد رکي ان کي بُرين نظرن کان محفوظ فرمائي. ❁ اَلْحَمْدُ

[1] محمد بن قاسم اور اس کے جانشين ،صفحہ:93 بتغير قليل

[2] محمد بن قاسم اور اس کے جانشين ،صفحہ:103 و 87 بتغير قليل۔

لِلّٰہ! پاڪستان الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي. ❁ هي آزاد اسلامي ملڪ آهي، شيخ طريقت امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فرمائن ٿا: اسلامي احڪامن تي عمل ڪرڻ جي لحاظ کان جيتري آزادي پاڪستان ۾ آهي، اوتري آزادي ڪنهن ٻي ملڪ ۾ ڏٺي ناهي. ❁ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! پاڪستان ڪَثيرُالمساجِد ملڪ آهي، هتي محلي محلي ۾ مسجدون موجود آهن ❁ پاڪستان حاجين جو ملڪ آهي، هرسال حج تي هڪ وڏي تعداد پاڪستاني عاشقانِ رسول جي ٿي هوندي آهي. ❁ پاڪستان حفاظِ ڪرام جو ملڪ آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! اسان جي ملڪ عزيز ۾ لکين حافظ سڳورا موجود آهن. ❁ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! پاڪستان اولياءِ ڪرام جي سرزمين آهي، هزارين اولياءِ ڪرام هن پاڪ سرزمين تي آرام فرمائي رهيا آهن. ❁ پاڪستان ۾ داتا حضور رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن. ❁ پاڪستان ۾ بابا فريد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن، ❁ پاڪستان ۾ عبدالله شاهه غازي آهن. ❁ پاڪستان ۾ بهاؤالدين زڪريا ملتاني آهن. ❁ پاڪستان ۾ شاهه رڪن عالم آهن. ❁پاڪستان ۾ شهباز قلندر آهن. ❁ پاڪستان ۾ بابا بُلي شاهه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم آهن ۽ ٻيا ٻه ڪيئي اولياءِ ڪرام هتي آرامي آهن. ❁ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! پاڪستان علماءِ ڪرام جي سرزمين آهي، ڪيترائي فيضانِ رضا تقسيم ڪرڻ وارا جيّد عالم سڳورا هتي آرامي آهن. ❁مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن. ❁محدث اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن. ❁علامہ سعيد ڪاظمي شاهه صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هتي آهن. ❁ ايئن اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! اسان جو هي پيارو ملڪ اولياءِ جي سرزمين آهي. عالمن سڳورن جي سرزمين آهي. ❁ عاشقانِ رسول جي سرزمين آهن. ساداتِ ڪرام جي سرزمين آهي، ديني لحاظ کان، دنياوي لحاظ کان هن پاڪ سرزمين جون ٻيون ٻه ڪوڙ ساريون خوبيون آهن. هي تمام وڏي الله پاڪ جي نعمت آهي.

# اسان جي حالت بي حال آهي

هي تہ پاڪستان جا چڱا پهلو هئا، وڏيڪ ڪاميابي جي لاءِ، ترقي جي لاءِ اسان کي پنهنجي ڪمزور پهلوئن کي بہ ڏسڻ جي ضرورت آهي. عالم سڳورن، اللہ وارن هن پاڪ سرزمين تي جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون، انهن جو تہ ڪو مَٽ ئي ناهي، اللہ ڪريم انهن کي هن خدمتن جو تمام گهڻو اجر عطا فرمائي، انهن تي ڪروڙين سلام هجن، ڏينهن رات رحمتن جي برسات ٿي.

پر اسان پنهنجي متعلق بہ تہ غور ڪيون، اسان کي هن سرزمين تي ايندي 76 سال ٿيڻ وارا آهن، اسان مان اڪثر اهي آهن، جن جي پيدائش ئي هن ملڪ ۾ ٿي، ڪو هتي 20 سال گذاري چڪو آهي، ڪنهن 30 سال، ڪنهن 40، 50 سال هتي گذاريا، اسان غور ڪيون! اسان جي هتي هجڻ سان ڪهڙي تبديلي آئي؟ مان پاڻ ڪيترا نيڪ ڪم ڪيان ٿو، ڪيترو گناهن کان بچان ٿو، پوءِ هي بہ سوچو تہ منهنجي ذريعي ڪيترن جي اصلاح ٿي، معاشرو ڪيترو بهتري جي طرف وڌيو آهي؟

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! اسان جي ملڪِ عزيز ۾ لکين لک عاشقانِ رسول اهڙا آهن، جيڪي نيڪيون ڪندا بہ آهن. نيڪي ڪرڻ جو حڪم بہ ڏيندا آهن، برائين کان بچندا بہ آهن ۽ ٻين کي بُرائين کان بچائڻ جي ڪوشش بہ ڪندا آهن پر افسوس! ڪيترائي اهڙا بہ آهن، جن جو انداز اهڙو ناهي. بلڪ جيڪڏهن مجموعي طور تي ڏٺو وڃي تہ اڄ مسلمان اخلاقي طور تي تنزلي جو شڪار آهن. پهريان جا مسلمان قيدخاني ۾ بہ هوندا هئا تہ انهن کي ڏسي ڪري غير مسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويندا هئا پر افسوس! اڄ آزاد مسلمانن کي ڏسي ڪري بہ ٻيا متاثر نٿا ٿين، افسوس! اڄ اسان جي حالت ابتڙ ٿي وئي آهي. صورتحال ڪجھ اهڙي ٿي چڪي آهي جو

وضع ميں تم ہو نصاریٰ تو تمدن ميں ہنود | يہ مسلماں ہيں جنہيں ديکھ کے شرمائيں يہود

## هڪ غير مسلم جو عبرتناڪ جواب

هڪ غير مسلِم مفڪر هو، ان کي ڪنهن مسلمان چيو: توهان ايترا صاحبِ نظر آهيو، عقل رکو ٿا، پوءِ مسلمان ڇو نٿا ٿيو؟ ان تي غير مسلم اهڙو تہ عبرتناڪ جواب ڏنو جو ان کي ٻڌي هر غيرت مند مسلمان جو شرم سان ڪنڌ جهڪي وڃي، غير مسلم چيو: جڏهن مان ان اسلام کي ڏسان ٿو جيڪو مسلمانن جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ منهنجي دِل ۾ اسلام جي حقّانيت (يعني سچّائي) جو چراغ روشن ٿي وڃي ٿو، منهنجي دِل چاهيندي آهي تہ مان هن مقدّس ڪتابن کي سجي زِندگي سيني سان لڳائي رکان پر جڏهن مان اُن اسلام کي ڏسان ٿو جنهن تي اڄڪلهہ جا مسلمان عمل ڪري رهيا آهن تہ منهنجي دِل اسلام کان بيزار ٿي وڃي ٿي.[1]

بن گئے تنکے نشیمن کے قفس کی تیلیاں | بَن گیا کیا؟ ہم چلے تھے کیا بنانے کے لئے

وضاحت: گهر ناهڻو هو، قيد خانو بڻجي ويو، اسان ٺاهڻ ڇا رهيا هئاسين؟ ۽ ڇا بڻجي ويو؟ مطلب هي تہ اسان اُبتي راهہ جا مسافر ٿي ويا آهيون، ٿيڻ تہ هي کپي ها جو اسان ٻين جي لاءِ زِندگي جو نمونو بڻجون ها، اسان جي سبب اسلام کي ترقي ملي ها پر اُبتو هي ڇا ٿي ويو جو ماڻهو اسان جي سبب اسلام کان نفرت ڪرڻ لڳا.

## امت مسلم جي هڪ اهم ترين ذميداري

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

كُنْتُمْ خَیْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ تَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِؕ

(پاره:4،سورۃ آلِ عمران:110)

ترجموڪنز العرفان: (اي مسلمانو!) توهان پلي اُمت آهيو جيڪا ماڻهن (جي هدايت) جي لاءِ ظاهر ڪئي وئي، توهان ڀلائي جو حڪم ڏيندا آهيو ۽ بُرائي کان منع ڪندا آهيو

[1]...عرفانی تقریریں، بیان: زوال کے اسباب، صفحہ:101بتغیر قلیل۔

امام فَخرُ الدّين رازي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: آيت سڳوري جي معنيٰ هي آهي تہ اي مسلمانو! لَوحِ مَحفُوظ ۾ توهان جي اها وصف لکيل آهي تہ توهان سيني کان بهتر ۽ سيني کان اَفضَل اُمّت آهيو، توهان جي لائِق اهو آهي تہ توهان هن منصب جي حِفَاظت ڪريو![1] يعني هميشہ الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت گذار ۽ فرمانبردار ٿي رَهو...!!

حضرت علّامہ مفتي عبد المصطفيٰ اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن آيت سڳوري جي وَضاحت ڪندي فرمائن ٿا: هڪ مسلمان جي لاءِ زِندگي جو پهريون مقصد خَيۡرُ الۡاُمَمۡ يعني بهترين اُمّت ٿيڻ آهي. جهڙي طرح گلاب جي لاءِ خوشبو، موتي جي لاءِ چمڪ ۽ سج جي لاءِ روشني لازم آهي، اهڙي طرح هڪ مسلمان جي لاءِ پنهنجي عملن ۽ فعلن جي لحاظ کان سمورين اُمّتن ۾ سڀ کان اعليٰ، سڀ کان اَفضَل، سڀ کان بهتر هئڻ لازِم ۽ ضروري آهي، عبادتون ۽ معاملات هجن يا اَخلاق ۽ عادتون غرض زندگي جي هر شعبي ۾، زِندگي جي آخري گهڙين تائين هڪ مسلمان خير ئي خير هجي، بَس پُوري زِندگي قرآن ۽ سُنّت جو دامن پڪڙي صراطِ مستقيم (يعني سڌي راهہ) تي هلندو وڃي تہ جيئن ٻيون قومون مسلمان کي ڏسي هي صدا هڻن تہ[2]

يہی وہ ہیں کہ جن کے واسطے خَتمُ الرُّسُل آئے | انہی پر ختم ہے "خَیرُ الاُمَم" کی جلوہ سامانی

وضاحت: هي ئي اها خوش نصيب اُمَّت آهي، جن جي هدايت جي لاءِ الله پاڪ پنهنجي سڀ کان محبوب نبي، خاتَمُ النَّبِيّين کي موڪليو، هن اُمَّت کي خَيرُالاُمَم جو لقب ڏنو ويو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي هڪ مسلمان جي پهرين ذميواري جو مسلمان هميشہ خَيرُ الاُمَم يعني بهترين اُمَّت بڻجي رهي. يقيناً جيڪو بهتر هوندو آهي، اهو آئيڊيل بہ هوندو آهي ۽ جيڪو آئيڊيل هوندو آهي، اهو ٻين جي نقل ناهي

[1]...تفسير ڪبير، پاره:4، سورۃ آل عمران، تحت الآية:110، جلد:3، صفحہ:323۔

[2]...عرفانی تقریریں، بیان: زوال کے اسباب، صفحہ:99بتغير قليل۔

ڪندو، ٻيا ان جي پويان هلندا آهن، لهٰذا ٿيڻ ايئن کپي ها تہ مسلمان اهڙو بڻجي رهي جو ٻيون قومون ان جي پيروي ڪن، مسلمان جا اَخلاق ايترا اعليٰ هجن جو ٻيون قومون مسلمانن کان اَخلاق سکن، مسلمان جو ڪردار اهڙو اعليٰ هجي جو ٻيون قومون ڪردار جي بهتري جي لاءِ ان جي صحبت اپنائن، هڪ مسلمان جون عادتون، ان جا فعل، ان جي گفتار، طور طريقا، اُٺ ويهہ ايتري بهتر هجي جو ان کي آئيڊيل بڻايو وڃي، ان جي پيروي ڪئي وڃي، ٻيون قومون ان جي ڪردار، اَخلاق ۽ عادتن تي رشڪ ڪن ۽ ان کي ڏسي جيئڻ سکن.

پر افسوس! اڄ حالتون ابتڙ آهن، خَيْرُالْاُمَم (بهترين اُمَّت) اسان آهيون، هئڻ تہ ايئن گهرجي ها جو اسان ٻين جي لاءِ آئيڊيل بڻجون ها، اسان ٻين قومن کي پنهنجو آئيڊيل بڻائي ورتو آهي، هئڻ تہ هي کپي ها تہ ٻيون قومون اسان جي نقل ڪن ها پر اسان نَقل ڪندڙ بڻجي ويا آهيون، اسان ٻين جي نقل ڪرڻ لڳا آهيون، اُٺ ويهہ ۾ ڪافِرن جي نقل، تعليم ۾ ڪافِرن جي نقل، اُصُول ۽ قوانين ۾ ڪافِرن جي نقل، ايستائين جو جُتي ڪپڙا خريدڻ ۽ کائڻ پيئڻ ۾ بہ غير قومن جي نقل ڪئي ويندي آهي، صَد اَفسَوس! اڄ مسلمان قرآن نٿا سکن، ڪافِرن جا فلسفا سکي وٺن ٿا، پنهنجي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت کي نٿا ڏسن، ڪافِرن جو انداز اپنائن ٿا.

وائے ناکامی متاعِ کارواں جاتا رہا | کارواں کے دِل سے اِحساسِ زیاں جاتا رہا

**وضاحت:** افسوس! اسان جو سازوسامان(مثلاً عزت، ترقي، عروج وغيره) سڀ تباهہ ۽ برباد ٿيندو پيو وڃي ۽ مصيبت تہ اها آهي جو نادانن کي هن تباهي جو احساس تائين ناهي.

**اي عاشقانِ رسول!** اسان جي ذميداري آهي تہ خَيْرُالْاُمَم (يعني بهترين اُمَّت) هجڻ جو جيڪو اعزاز اسان کي ربّ ڪائنات عطا فرمايو آهي، اسان هن اعزاز جي قدر ڪيون، اسان واقعي خَيْرُالْاُمَم (بهترين اُمَّت) بڻجي ڪري رهون، اسان ٻين جي نقالي

نہ ڪيون، بلڪ قرآن و سنت جي تعليم حاصل ڪيون، ان تي عمل ڪيون، پنهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت کي عملاً اپنايون، ڪاش! اسان سنتن جي هلندڙ ڦرندڙ تصوير بڻجي وڃون.

يا مصطفٰے! گناہوں کی عادتیں نکالو | جذبہ مجھے عطا ہو سنّت کی پیروی کا[1]

## اُمّت مسلم جي اهميت ۽ فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجهه ئي ڏينهن بعد جشن آزادي اچڻ واري آهي. هن موقعي تي هي ضروري آهي تہ اسان پنهنجي اهميت کي سمجهون، اسان ڪير آهيون؟ ۽ ڇو آهيون؟ ان تي غور ڪيون.

ٿوري پنهنجي اهميت تي نگاهہ وجهون! حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، مديني جي سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن حضرت سيّدنا موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام تي تورات شريف نازل ٿيو تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام هن پياري آسماني ڪتاب جي تلاوت ڪئي تہ ان ۾ هڪ امت جا فضائل پڙهيا، هي فضائل پڙهي ڪري بارگاهِ الٰهي ۾ حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: ”اي منهنجا مولا! مون تورات ۾ هڪ اهڙي اُمّت جو تذڪرو ڏٺو آهي جن جون دُعائون قبول ٿينديون ۽ انهن جي حق ۾ دعائون قبول ڪيون وينديون، انهن جي سفارش قبول ٿيندي ۽ انهن جي حق ۾ سفارش قبول ڪئي ويندي. اهو چئي حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: الٰهي! انهن کي منهنجي اُمّت بڻائي ڇڏ. اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو: اي موسٰي! اها احمدِ مجتبيٰ، محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت آهي.

حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي ربّ ڪريم! مون تورات ۾ اهڙي اُمّت جو ذڪر ڏٺو آهي جو جڏهن اهي ڪو نيڪ ڪم ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪندا تہ انهن جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي ۽ جڏهن اهي نيڪ ڪم ڪري وٺندا تہ انهن جي لاءِ 10 نيڪيون لکيون وينديون ”اي منهنجا پروردگار! تون انهن کي منهنجي

[1] ...وسائل بخشش، صفحہ:177۔

أُمَّت ٻڌاءِ.“ الله پاڪ ارشاد فرمايو: ”اي موسٰي! اها اَحمدِ مجتبيٰ، محمدِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت آهي.

جڏهن حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام هن امت جا هيترا فضائل پڙهي ورتا ٻڌي ورتا جيڪي الله پاڪ سيدُالانبياء، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ اُنهن جي اُمَّت کي عطا فرمايا آهن تہ چوڻ لڳا: يَا رَبِّ فَاجْعَلْنِيْ مِنْ اُمَّةِ اَحْمَد يعني اي الله پاڪ! جڏهن امتِ احمد ايتري وڏي فضيلت واري آهي تہ مون کي بہ احمد مجتبي محمد مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو امتي بڻائي ڇڏ.[1]

الله اڪبر! *This is our value* هي آهي اسان جي قدر، اسان جي اهميت....!! تورو اسان پنهنجي ڪردار، پنهنجي اخلاق، پنهنجي عادتن تي غور ڪيون، ڇا اسان هنن فضيلتن، اهميتن جي اهليت رکون ٿا...؟ افسوس! افسوس!

چه کُنَمْ قیمتے خُودنِمِی دَانے

ترجمو: افسوس! ڇا ڪجي...!! توهان پنهنجي قيمت ئي نٿا ڄاڻو..!!

## اُمّت مسلم آخري اُمّت ڇو؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪڏهن اوهان غور ڪيو آهي تہ هن امت کي آخري اُمّت ڇو ٻڌايو ويو آهي؟ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک 24 هزارانبياءِ ڪرام تشريف ڪٽي آيا، سڀني جون اُمتون هيون، اسان کي الله پاڪ امتِ مصطفيٰ ۾ پيدا فرمايو، هن امت کي آخري امت ٻڌايو، اسان جا آقا موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن سڀني کان آخري نبي آهن، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان بعد هاڻي قيامت تائين ڪو نبي نہ ايندو ۽ اسان کان بعد ڪا امت ناهي. اسان آخري امت آهيون، هاڻي هن کان بعد قيامت ئي ايندي. آخر هن ۾ ڇا حڪمت آهي؟ هن امت کي آخري امت ڇو ٻڌايو ويو؟

---

[1] جزءفيہ من احاديث الامام ابی نعيم ، حديث:1، صفحہ:28 ملتقطًا۔

اچو! ڪجهه حڪمتون ٻڌون ٿا، هن مان اسان کي پنهنجي اهميت جي خبر پوندي، پنهنجي قدر و قيمت معلوم ٿيندي، پنهنجي منصب ۽ ذميوارين جو پتو پوندو.

## (1) پهرين حڪمت: اُمّتِ مسلمہ کي گواه بڻايو ويو

الله پاڪ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو:

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ

(پاره:2، البقرة:143)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اهڙي طرح اسان توهان کي بهترين امت بڻايو تہ جيئن توهان ماڻهن تي گواهہ هجو.

هي امتِ مسلمہ جي آخري اُمّت هجڻ جي حڪمت آهي، جيڪڏهن اُمّت کي پهرين امت بڻايو وڃي ها تہ ظاهر آهي، هي امت پنهنجي بعد ۾ اچڻ وارن جي گواهي نہ ڏئي سگهي ها، تنهنڪري هن اُمّت کي آخري امت بڻايو ويو تہ جيئن هي امت پوئين امتن تي گواهہ بڻجي سگهي.

## قيامت جي ڏينهن امتِ مسلمہ جي گواهي

بخاري شريف ۾ حديث شريف آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: قيامت جي ڏينهن حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام کي سڏيو ويندو، اهي چوندا لَبَّيْكَ يَارَبِّ! اي الله پاڪ مان حاضر آهيان. انهن کان پڇيو ويندو: ڇا اوهان اسان جا احڪام پنهنجي امت تائين پهچائي ڇڏيا! اهي عرض ڪندا: جي ها! موليٰ! مون احڪام پهچائي ڇڏيا. پوءِ سندن امت کان پڇيو ويندو: ڇا توهان تائين اسان جا احڪام پهچايا ويا. اهي بدبخت ڪافر(جن کي حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام 950 سال تبليغ فرمائيندا رهيا، قيامت جي ڏينهن صاف انڪار ڪري ڇڏيندا ۽ چوندا:) مَا اَتَانَا مِنْ نَّذِيْرٍ اسان وٽ تہ ڪو ڊيڄارڻ وارو(احڪامِ الٰهي پڄائڻ

وارو) نہ آيو. هاڻي حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمايو ويندو: اي نوح اوهان وٽ ڪو گواهہ آهي؟ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪندا: هائو! ربّ ڪريم! محمد مصطفي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن امت منهنجي گواهہ آهي. (بس پوءِ هي امت گواهي ڏيندي تہ اي اللّٰہ ڪريم! حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام سچ چون ٿا،) انهن (تنهنجو) پيغام پهچايو هيو.[1]

هڪ روايت ۾ آهي: شان واري رسول صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: قيامت جي ڏينهن جنهن نبي جي امت بہ جهٽلائيندي(يعني چوندي تہ موليٰ! انهن تنهنجو پيغام نہ پهچايو)، اسان ان جي حق ۾ گواهي ڏينداسين.[2]

## امّت مسلمہ دنيا ۾ بہ گواهہ آهي

حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي: هڪ ڀيري هڪ جنازو گذريو، صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مرڻ واري جي تعريف ڪئي، ان تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: وَجَبَت ان جي لاءِ واجب ٿي وئي. پوءِ هڪ ٻيو جنازو گذريو، ان جي متعلق صحابہ ڪرام جا تاثرات سٺا نہ هئا، ان تي پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: وَجَبَت ان جي لاءِ بہ واجب ٿي وئي. پوءِ فرمايائون: جنهن ميت جي حق ۾ توهان ڀلائي جي گواهي ڏيو، ان جي لاءِ جنت واجب آهي ۽ جنهن جي حق ۾ توهان برائي جي گواهي ڏيو ان جي لاءِ جهنم واجب آهي، اَنْتُمْ شُهَدَاءُ اللّٰهِ فِي الْاَرْضِ توهان زمين ۾ اللّٰہ پاڪ جا گواهہ آهيو.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰہ اڪبر! *This is our value* هي آهي اسان جي قدر، اسان جي اهميت....!! هي امت قيامت جي ڏينهن انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي حق ۾ گواهي ڏيندي، دنيا ۾ هي امت جنهن جي حق ۾ چڱائي جي گواهي ڏئي ڇڏي ان جي لاءِ جنت واجب ڪئي ويندي آهي. هي ڪيتري اهميت جي ڳالهہ آهي...!!

[1] بخاری،کتاب التفسیر،باب و كذلک جعلنكم امة...الخ،صفحہ:1113 ،حديث:
[2] تفسیر در منثور،پارہ:2 ،البقرہ،زیرِ آیت :143 ،جلد:1 ،صفحہ:349
[3] مسلم،کتاب الجنائز،باب فیمن یثنی علیہ ...الخ،صفحہ:341 ،حدیث:949 ملتقطًا۔

هاڻي اسان ٿورو غور ڪيون! ڇا اسان هن لائق آهيون؟ هي منصب جيڪو امت مسلمہ کي ڏنو ويو آهي، ڇا اسان پاڻ کي هن منصب جي لائق بڻائي رهيا آهيون؟ افسوس!

ہم جانتے ہیں مجرم کے سب ٹھکانوں کو
شریکِ جُرم نہ ہوتے تو مخبری کرتے

پوئين امتن جون کهڙيون کهڙيون برايون هيون؟ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم سندن گستاخيون ڪندي هئي، ڇا اڄ اسان وٽ گستاخيون نہ پيون ٿين؟ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام کين سمجهائيندا هئا، هُو ڳالهہ مڃڻ جي لاءِ تيار نہ هئا، ڇا اسان پنهنجي نبي جي فرمانن تي عمل ڪرڻ وارا آهيون؟ حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم سرڪش هئي. ڇا اڄ اسان وٽ دليري سان گناهہ ناهن ڪيا ويندا. حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم پنهنجي طاقت تي، پنهنجي مهارتن، پنهنجي وڏين وڏين عمارتن تي فخر ڪندا هئا، غرور ۽ تڪبر جي آفت ۾ مبتلا هئا، ڇا اڄ اسان وٽ سائنس ۽ ٽيڪنالوجي کي بنياد بڻائي ڪري ديني ڳالهين کي پٺي ناهي ڏني ويندي، ڇا ماڻهو هي ناهن چوندا تہ دنيا چنڊ تي پهچي وئي آهي ۽ تون اڃان نماز روزي ئي جي ڳالهہ ڪري رهيو آهين؟ حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم ۾ فحاشي، بي حيائي ۽ بدڪاري عام هئي، ڇا هي شيون اڄ اسان جي اندر نٿيون پاتيون وڃن؟ حضرت شعيب عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم ماپ طور ۾ ڪمي ڪندي هئي، ڇا اڄ اسان وٽ ماپ تور ۾ ڪمي ناهي ڪئي ويندي؟ خريدوفروخت ۾ دوکو ناهي ڏنو ويندو؟ حضرت شعيب عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم چوڪن ۽ چوراهن تي ويهي ماڻهن کي گمراهہ ڪندي هئي، ڇا اڄ اسان وٽ ايئن ناهي ٿي رهيو؟ گهٽين، چوراهن تي ويهي ڪري، فيس بڪ، يوٽوب ۽ سوشل ميڊيا وغيره جي ذريعي ماڻهن کي گمراهہ نہ پيو ڪيو وڃي؟ حضرت شعيب عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم تہ باقاعده طور تي هي چيو هيو:

قَالُوْا یٰشُعَیْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا یَعْبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِیْۤ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا (پاره:12، ہود:87)

ترجمو كنزالعرفان: (قوم) چيو: اي شعيب! ڇا تنهنجي نماز توکي هي حڪم ڏئي ٿي تہ اسان پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي خدائن کي ڇڏي ڏيون يا پنهنجي مال ۾ پنهنجي مرضي جي مطابق عمل نہ ڪيون.

ٿورو انصاف ڪري ٻڌايو! اڄ جڏهن وياج جي ڏيڻ وٺڻ کان، خريدو فروخت ۾ دوکو ڏيڻ کان منع ڪيو وڃي تہ بلڪل اها ئي ڳالھ لبرل ازم جي نالي تي ناهي چئي ويندي؟ لبرل ماڻهو چوندا آهن تہ مولوين کي تجارت جو علم، انهن کي گهرجي تہ هو پنهنجي نماز روزي تائين رهن.

هي سڀ ڪجھ اسان وٽ اسان جي معاشري ۾ بہ پاتو پيو وڃي. هاڻي ٻڌايو! جڏهن اسان بہ اهو ئي ڪجھ ڪري رهيا آهيون، جيڪي پويون امتون ڪنديون هيون، پوءِ هي منصب جيڪو امت مسلمہ کي ڏنو ويو، پوئين امتن جي گواهي ڏيڻ. اسان هن منصب تي پورو ڪيئن لهي سگهنداسين؟

ياد رکو! فاسق(يعني اعلانيہ گناھ ڪرڻ واري) جي گواهي قبول ناهي ڪئي ويندي. نماز ڇڏڻ فسق آهي، روزا نہ رکڻ فسق آهي، ماپ تور ۾ دوکو ڪرڻ، والدين کي ستائڻ، ٻين کي تڪليف پهچائڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ. وياج جو ڏيڻ وٺڻ ڪرڻ، شراب پيئڻ وغيره وغيره هي سڀ فسق آهن، گناھ جا ڪم آهن ۽ مفسرين ڪرام هي لکيو آهي تہ قيامت جي ڏينهن امت مسلمہ جيڪا گواهي ڏيندي هن مان مراد صرف هن امّت جا متقي پرهيزگار صالح ماڻهو آهن.[1] جيڪي نمازون بہ پڙهندا آهن، روزا بہ رکندا آهن، گناهن کان بہ بچندا آهن، تقويٰ اختيار ڪندا آهن، صرف اهي ماڻهو هي گواهي ڏيڻ جا اهل هوندا. جيڪي گنهگار آهن، فاسق و فاجر آهن، انهن خود گناھ ڪري پنهنجي پاڻ کي هن منصب جي لاءِ نااهل ڪري ورتو آهي،

[1] تفسيرِ نعيمى،پاره:2 ،البقره،زيرِ آيت:143،جلد:2 ،صفحہ:21 بتغير قليل۔

اي عاشقانِ رسول! غور ڪرڻ جي ڳالھ آهي! ڪيترو عظيم منصب آهي ۽ اسان صرف دنيا جي محبت جي سبب، مال جي پنيان، نفساني خواهشن جي ڪري اسان پنهنجو پاڻ کي هن منصب جي لاءِ نااهل قرار ڏيون! هي ڪيتري وڏي نقصان جي ڳالھ آهي..؟ انهي ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي ڪردار کي صحيح ڪيون، پنهنجي انداز، پنهنجي اخلاق، پنهنجي اعمال ۽ پنهنجي طور طريقن کي درست ڪيون تہ جيئن هي عظيم منصب جيڪو هن امت کي عطا ڪيو ويو آهي، اسان هن منصب جي لائق بڻجي سگهون.

مِٹادے ساری خطائیں مری مِٹا یارب
بنادے نیک بنانیک دے بنا یارب

مُحِیط دل پہ ہوا ہائے نفسِ اَمّارہ
دِماغ پر مرے ابلیس چھا گیا یارب

کریں نہ تنگ خیالاتِ بد کبھی، کردے
شُعُور و فکر کو پاکیزگی عطا یارب[1]

## (2) ٻي حڪمت: عبرت وٺڻ واري اُمّت

پيارا اسلامي ڀائرو! هن اُمت کي عبرت واري امت بڻايو ويو آهي. هڪ هنڌ الله پاڪ فرمايو:

وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا ۙ وَجَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۱۳﴾ ثُمَّ جَعَلْنٰكُمْ خَلٰٓئِفَ فِي الْاَرْضِ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لِنَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴﴾

(پاره:11، يونس:13-14)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ اسان توهان کان پهريان قومن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو جڏهن انهن ظلم ڪيو ۽ انهن وٽ سندن رسول روشن دليلن سان تشريف کڻي آيا ۽ اهي اهڙا هئائي نہ جو ايمان آڻن ها. اسان ايئن ئي مجرمن کي بدلو ڏيندا آهيون. پوءِ اسان انهن کان بعد توهان کي زمين ۾ جانشين بڻايو تہ جيئن اسان ڏسون تہ توهان ڪهڙي طرح ڪم ڪيو ٿا؟

[1]... وسائل بخشش، صفحہ:78، ملتقطًا۔

يعني اي اُمّت مسلمہ! پهريان ڪيئي اُمّتون گذريون. انهن جي طرف رسول موڪليا ويا، انهن جي لاءِ احڪام واضح ڪولي بيان ڪيا ويا پر انهن پنهنجي جانين تي ظلم ڪيو، نافرمانيون ڪيون، اسان انهن کي هلاڪ ڪيو، پوءِ توهان کي زمين ۾ خليفو بڻايو ويو تہ جيئن ڏسون تہ توهان انهن اُمّتن جهڙا ئي عمل ڪيو ٿا يا الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪيو ٿا.

الله اڪبر! هي آهي هن اُمت کي آخري اُمت بڻائڻ جي هڪ حڪمت..!! عالم سڳورا فرمائن ٿا: پوئين اُمّتن ۾ ماڻهو ڪهڙا ڪهڙا گناهہ ڪندا هئا، ڪهڙي طرح دنيا کي آخرت تي ترجيح ڏيندا هئا، ڪيئن الله پاڪ انهن کي مهلت ڏني، انهن کي وڏيون وڏيون زندگيون عطا ڪيون، پوءِ جڏهن اهي پنهنجي نافرمانين تي پڪا ٿي ويا تہ الله پاڪ ڪهڙا انهن تي عذاب نازل فرمايا، ڪنهن کي آنڌي جي ذريعي هلاڪ ڪيو، ڪنهن قوم تي پٿر وسايا ويا، ڪنهن قوم تي شديد زلزلن جو عذاب آيو، انهن جي طاقت، انهن جي قوت، انهن جا بلند و بالا محل، انهن جو علم، انهن جي مهارت ڪجھ بہ انهن کي الله پاڪ جي عذاب کان بچائي نہ سگهيو.

هي سڀ ڪجھ ٿيڻ کان بعد آخر ۾ الله پاڪ هن اُمّتِ مسلمہ کي موڪليو، قرآن ڪريم ۾ پوئين اُمّتن جا حالات ڪولي بيان ڪيا تہ جيئن هي اُمّت عبرت حاصل ڪري، جيڪو پهريان وارن نافرمانن ڪيو، اهو ڪم هي اُمّت نہ ڪري، انهن جي نقش قدم تي نہ هلي بلڪ پهريان جي نيڪ ماڻهن جيڪي ڪم ڪيا، انهن تي جيڪي جيڪي انعام ٿيا، هي امت انهن تي غور ڪري نيڪي جي راهہ اپنائي.[1]

الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

---

[1] حسن التنبہ لما ورد فی التشبہ،باب بيان الحكم الظاهرة فی تاخير ہذه الامۃ،جلد:1 ،صفحہ:108 مفصلًا۔

اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ كَانُوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَانُوْا هُمْ اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّ اٰثَارًا فِي الْاَرْضِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ وَ مَا كَانَ لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿۲۱﴾

(پاره:24، المؤمن:21)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ ڇا انهن زمين ۾ سفر نہ ڪيو جو ڏسن ها تہ انهن کان پهرين ماڻهن جو ڪهڙو انجام ٿيو؟ اهي پهريان ماڻهو قوت ۾ زمين ۾ ڇڏيل نشانين جي اعتبار سان انهن کان وڌيڪ هئا پوءِ الله انهن کي انهن جي گناهن جي سبب پڪڙي ورتو ۽ انهن جي لاءِ الله کان ڪو بچائڻ وارو نہ هو.

اي عاشقانِ رسول! هي آهي امت مسلمہ جي آخري امت هجڻ جي حڪمت..!! اسان کي عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آخري امت بڻايو ويو. هاڻي ٿورو غور ڪيو! ڇا اسان عبرت وٺون ٿا؟ افسوس! افسوس! اسان تہ غفلت ۾ مبتلا رهون ٿا، اسان نصيحت نٿا پرايون، اسان عبرت جي نگاھ کان محروم آهيون، پوئين امتن جا احوال اسان تي واضح آهن، قوم عاد ڪيئن هلاڪ ٿي، قوم ثمود تي ڪيئن عذاب آيو، قوم شعيب ڪهڙي طرح تباھ ڪئي وئي، اسان هي سڀ ٻڌندا رهون ٿا، قرآن ڪريم ۾ انهن سڀني جو ذڪر موجود آهي، عالم سڳورا بيان ڪندا رهن ٿا، پر افسوس! اسان عبرت نٿا پڪڙيون، گناھ ڇڏي ڪري نيڪ راھ جا مسافر نٿا بڻجون.

## عبرت وٺڻ جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! قرآن ڪريم اسان کي هرجڳھ عبرت حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏياري آهي. سيپارو: 18، آيت: 44 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

يُقَلِّبُ اللّٰهُ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿۴۴﴾

(پاره:18،النور:44)

ترجمو ڪنزالعرفان: الله رات ۽ ڏينهن تبديل فرمائي ٿو، بيشڪ ان ۾ اک وارن جي لاءِ سجهڻ جو مقام آهي.

سيپاري: 30 سورت نازِعات ۾ فرعون ۽ ان جي لشڪر جي غرق ھجڻ جو واقعو ذڪر ڪرڻ کان بعد فرمايو:

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ﴿٢٦﴾
(پاره:30،النازعات:26)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ ان ۾ ڊڄڻ وارن جي لاءِ ضرور عبرت آھي.

الله اڪبر! ھي الله پاڪ کان ڊڄڻ وارا، اُولِي الْاَبْصَار (يعني غور و فڪر ڪرڻ وارا، عبرت جي نگاھ رکڻ وارا)، ھي الله پاڪ جي نشانين کي ڏسي ڪري عبرت حاصل ڪندا آھن، ڏينھن آيو، ھليو ويو، سج نڪتو، لھي ويو، رات آئي، ھلي وئي، تارا نڪتا، لھي ويا، ھي سڀ ڪجھ، ڪائنات جو ذرو ذرو ڪليل ڪتاب آھي، ان ۾ اسان جي لاءِ نصيحت آھي، عبرت آھي، ڪاش! اسان ڊڄڻ وارا، عبرت حاصل ڪرڻ وارا، اُولي الاَبْصَار (يعني غور و فڪر ڪرڻ وارا، عبرت جي نگاھ رکڻ وارا)بڻجي وڃون.

## عبرت جي نگاه متعلق اولياءِ ڪرام جا فرمان

حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ: جيڪو دنيا کي عبرت جي نگاھ کان ڏسندو ۽ غور و فڪر ڪندو آھي، اھو وڌيڪ نيڪيون ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آھي. حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو ھن دنيا کي عبرت جي نگاھ کان ناھي ڏسندو، آخرت جي فڪر ناھي ڪندو، ان جون نيڪيون گھٽ ۽ دل پردي ۾ آھي. حضرت حاتم اصم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان سوال ٿيو: انسان عبرت وارو ڪيئن بڻجندو آھي؟ فرمايائون: جڏھن اھو دنيا جي ھر شيءِ جي انجام تي نگاھ ڪري ۽ غور ڪري تہ عنقريب ھي شيءِ فنا ٿي ويندي ۽ ھن شيءِ جو مالڪ بہ تمام جلد قبر ۾ دفنايو ويندو. حضرت حاتم اصم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ئي فرمان آھي: جنھن جي گھر مان جنازو نڪري ۽ اھو ھن مان عبرت نہ

ونيءَ، اهڙي شخص کي علم، حڪمت ۽ نصيحت جو ڪو فائدو ناهي.[1]

## هر گهر نشانِ عبرت آهي

حضرت سائب عَبدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن حضرت صالح مُري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اسان وٽ تشريف کڻي آيا، مون پڇيو: اي ابوبَشّر! اوهان ڪٿان تشريف کڻي آيا آهيو؟ فرمايائون: مان پنهنجي گهران نڪتس ته مختلف مقامن کان گهمندو تو وٽ آيس، مان جڏهن فلاڻي جي گهر وٽان گذريس ته ان گهر مون کي(زبانِ حال سان) پڪاري ڪري چيو: اي صالح! مون مان نصيحت حاصل ڪر! مون ۾ فلاڻا فلاڻا ماڻهو رهندا هئا، هاڻي اهي انتقال ڪري ويا آهن. پوءِ جڏهن فلاڻي گهر وٽ پهتس ته ان گهر به مون کي (زبانِ حال سان) پڪاري چيو: اي صالح! مون مان نصيحت حاصل ڪر! مون ۾ فلاڻا فلاڻا ماڻهو رهندا هئا، هاڻي اهي سيئي مٽي ۾ دفن آهن. حضرت سائب عبدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انهي طرح پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هڪ هڪ ڪري گهر ڳڻائيندا رهيا، ايستائين جو اسان جي گهر تائين پهچي ويا.[2]

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے
مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے
جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

**پيارا اسلامي ڀائرو!** غور فرمايو: هي اسان جا بزرگانِ دين، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، ڪهڙي ڪهڙي انداز سان عبرت حاصل ڪندا هئا. افسوس! هڪ اسان آهيون. چلهي تي پرندڙ ٻاهه. سج جي تپش. سردي، گرمي وغيره مان عبرت پڪڙڻ ته پري جي ڳالهه آهي. اسان جي اکين جي سامهون جنازا کڄندا آهن،

---
[1] تنبيہ المغترين، صفحہ: 57 57 بتقديم و تاخير ـ
[2] حلية الاولياء،جلد:6 ،صفحہ:182 ،رقم:8222ـ

اسان عبرت ناهيون وٺندا. پاڻ پنهنجي هٿن سان مردا قبر ۾ لاهيندا آهيون، تڏهن عبرت ناهيون پڪڙيندا. فلاڻو بن فلاڻو چڱو ڀلو هيو، اچانڪ هارٽ اٽيڪ آيو ۽ موت جي منهن ۾ هليو ويو، فلاڻو نوجوان روڊ حادثي ۾ مري ويو، اهڙيون ڪيئي خبرون اسان ٻڌندا رهندا آهيون، پوءِ بہ اسان پنهنجي موت کي ياد ناهيون ڪندا. ڪاش! اسان عبرت حاصل ڪرڻ ۽ قبر و آخرت کي ياد ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

دل ہائے گناہوں سے بیزار نہیں ہوتا
مغلوب شہا! نفسِ بدکار نہیں ہوتا
شیطان مُسلَّط ہے افسوس! کسی صورت
اب صبر گناہوں پر سرکار نہیں ہوتا
اے رَبّ کے حبیب آؤ! اے میرے طبیب آؤ
اچّھا یہ گناہوں کا بیمار نہیں ہوتا
گو لاکھ کروں کوشش اِصلاح نہیں ہوتی
پاکیزہ گناہوں سے کردار نہیں ہوتا
یہ سانس کی مالا اب بس ٹوٹنے والی ہے
دل آہ! مگر اب بھی بیدار نہیں ہوتا[1]

## (3) ٽئين حڪمت: نيڪ ماڻهن جي راهہ تي هلڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! اُمّتِ مسلمہ کي آخري امت ڇو بڻايو ويو؟ ان جي هڪ ٻي حڪمت ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَيَهْدِيَكُمْ سُنَنَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَيَتُوْبَ عَلَيْكُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۶﴾

(پاره:5، النساء:26)

ترجمو ڪنزُ العرفان: الله چاهي ٿو تہ پنهنجا احڪام توهان جي لاءِ بيان ڪري ۽ توهان کي توهان کان اڳين ماڻهن جا طريقا ٻڌائي ۽ توهان تي پنهنجي رحمت سان رجوع فرمائي ۽ الله علم ۽ حڪمت وارو آهي.

عالمَ سڳورا فرمائن ٿا: الله پاڪ اِرادو فرمايو تہ(هن امت کي آخري امت ٻڌائي

[1] ... وسائلِ بخشش،صفحہ:163۔

ڪري) انهن جي لاءِ قرآن ڪريم نازل فرمائي ۽ هن ذريعي ڪان پهريان جي نيڪ ماڻهن جا طور طريقا، انهن جو انداز، انهن جون عادتون ۽ ڪردار اسان تي واضح فرمائي تہ جيئن اسان نيڪ ماڻهن جي رستي تي هلون، اهڙي طرح اسان توبہ ڪيون ۽ الله پاڪ اسان جي توبہ قبول فرمائي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! امت مسلمہ کي آخري امت ڇو بڻايو ويو، هن جون ٻيون بہ ڪوڙ حڪمتون آهن، انهن مان چند اسان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، ڪاش! اسان هنن حڪمتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون، ڪاش! هن ذريعي سان اسان پنهنجي اهميت کي سڃاڻي ڪري هن جي مطابق عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی
گُناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی

میں نیچی نگاہیں رکھوں کاش اکثر
عطا کر دے شرم و حیا یاالٰہی

ہو اَخلاق اچھّا ہو کردار سُتھرا
مُجھے متّقی تُو بنا یاالٰہی[2]

## جشنِ آزادي ڪيئن ملهايون؟

هاڻي 3 ڏينهن ڪان بعد يومِ آزادي اچڻ واري آهي، سيني کي خبر آهي تہ جشنِ آزادي تي اسان جي ئي مُعَاشري ۾ ڇا ماحول هوندو آهي. ميوزڪ هلندو آهي، شور و غُل ٿيندو آهي، شراب پيتو ويندو آهي، ڇڙواڳ ڇوڪرا وَن ويلنگ (*One Wheeling*) ڪندا آهن، روڊن رستن تي هل هنگامو مچايو ويندو آهي. ڇا 14 آگسٽ ان بيهودگين جو ڏينهن آهي؟ اوهان کي معلوم آهي 14 آگسٽ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ هي اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن مسلمانن آزادي حاصِل ڪرڻ جي لاءِ جانين جو نذرانو ڏنو هو، هڪ اندازي جي مطابق جڏهن

---

[1] حسن التنبہ لما ورد فی التشبہ،باب بیان الحکم الظاہرۃ فی تاخیر ہذہ الامۃ،جلد:1 ،صفحہ:118 بتغیر قلیل ۔
[2] ... وسائلِ بخشش،صفحہ:102-104، ملتقطًا۔

پاڪستان بڻيو، ” ان وقت 30 لک مسلمان شهيد ٿيا هئا.“[1]

شہید تم سے یہ کہہ رہے ہیں، لہو ہمارا بھلانہ دینا
قسم ہے تم کو اے سر فروشو! لہو ہمارا بھلانہ دینا
وُضو ہم اپنے لہو میں کر کے خُدا کے ہاں سُرخرُو ہیں ٹھہرے
ہم عہد اپنانباہ چلے ہیں، تم عہد اپنا بھلانہ دینا

اي عاشقانِ رسول! 14 آگسٽ انهن شهيدن جي ورسي جو ڏينهن آهي، ورسِي جي ڏينهن ميوزڪ ناهي وڄائبو، قرآنِ ڪريم پڙهي، روزا رکي، فاتحہ خواني ڪري پنهنجي شهيدن کي، فوت شُدگان کي ايصالِ ثواب ڪيو ويندو آهي. 14 آگسٽ تي عبادت ڪريو، شڪراڻي جا نفل پڙهو ۽ پاڪستان جي لاءِ شهيد ٿيڻ وارن کي ايصالِ ثواب ڪريو.

ڇا اوهان کي خبر آهي، پوئين امتن جا نيڪ ماڻهو جشن آزادي ڪيئن ملهائيندا هئا، جي ها! يوم آزادي صرف پاڪستان وارن جي لاءِ خاص ناهي، پوئين امتن ۾ بہ غلامي کان آزادي جو ڏينهن ملهايو ويندو هيو. جيئن آزادي کان پهريان اسان غلامي جي زندگي گذاري رهيا هئاسين، انهي طرح بني اسرائيل بہ هڪ عرصي تائين فرعون جي غلامي ۾ رهيا، آخرڪار حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي ذريعي بني اسرائيل کي فِرعَون کان آزادي ملي، جڏهن اها آزادي ملي تہ الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام اهو ڏينهن ڪيئن ملهايو هو؟

حديثِ پاڪ ۾ آهي: مديني پاڪ جا يهودي 10 محرم جو روزو رکندا هئا، پڇڻ تي انهن ٻڌايو، هن ڏينهن بني اسرائيل کي فِرعَون کان نجات ملي هئي تہ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شڪراڻي ۾ روزو رکيو هو، ان ڪري اسان 10 محرم تي روزو رکون ٿا.[2]

سُبۡحٰنَ الله! اهو آهي جشنِ آزادي ملهائڻ جو اَصل طريقيڪار. الله پاڪ

---

[1]… تخلیقِ پاکستان میں علماءِ اہلسُنّت کا کردار، صفحہ:14۔
[2]…بخاری، کتاب:الصوم، باب:صیام یوم عاشوراء، صفحہ:524، حدیث:2004۔

اسان سڀني کي هدايت نصيب فرمائي، شيطان جي غُلامي کان، نَفس جي غُلامي کان نجات عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

یاخُدا پاک وطن کی تُو حفاظت فرما
فضل کر اس پہ سدا سایۂ رحمت فرما

اس کو تُو قلعۂ اسلام بنا دے یا ربّ
مرے پیارے وَطن پاک پہ رحمت فرما

آج ہے امن وطن کا مرے پارہ پارہ
پھر مہیا مرے مولیٰ! اسے راحت فرما

ہائے بد مست گناہوں میں ہوئے اہلِ وطن
یاخُدا سب کو عطا نیک ہدایت فرما

بچہ بچہ ہو نمازی مرے پاکستاں کا
اور عطا جذبۂ پابندیٔ سُنّت فرما

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي بہ جشنِ آزادي ملهائيندي آهي، پر دعوتِ اسلامي جو انداز نِرالو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! جشنِ آزادي جي موقعي تي مدني قافلا سَفَر ڪندا آهن، هزارين عاشقانِ رسول مدني قافلن ۾ سَفَر ڪري شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ وڃي دين جي، قرآن ۽ سُنّت جي تبليغ ڪندا آهن، پاڻ بہ نمازون پڙهندا آهن، ٻين کي بہ نمازن جي دعوت ڏئي مسجد ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، قرآنِ ڪريم جو، سُنّتن جو فيضان عام ڪندا آهن، عشقِ رسول جي شمع دِلين ۾ روشن ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ٿيندي آهي، ايئن عاشقانِ رسول دين سکي، ٻين کي سيکاري حقيقي غُلامانِ مصطفيٰ بڻجڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ٻين کي بہ انهيءَ راهہ جو مُسَافِر بڻائيندا آهن.

**اي عاشقانِ رسول!** 14 آگسٽ تي سرڪاري موڪل هوندي آهي، اوهان بہ ذهن بڻايو، 12_13_14 آگسٽ 2023 (ڇنڇر، آچر، سومر) تي ڏينهن جي مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت نصيب ٿي وڃي، حقيقي غُلامِ رسول بڻجڻ جي لاءِ،

تحريڪِ آزادي جي شھيدن جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سَفَر ڪريو ۽ آزادي جي نعمت جو شڪر ادا ڪريو.

## دِل جي حالت تبديل ٿي وئي

فيصل آباد (پنجاب، پاڪستان) جي رھاڪو ھڪ اسلامي ڀاء جي بيان جو خُلاصو آھي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پھريان مان بگڙيل ڪردار جو مالڪ ھئس. ڪوڙ، غيبت، چغلي، بدنگاھي جھڙا گُنَاھ منھنجي معمول جو حِصو ھئا، مون مارشل آرٽ سکيو ھو، جنھن جي ڪري ھرويرو **ماڻھن سان جھيڙو، ھر نئين فيشن کي اپنائڻ منھنجو شوق ھو، افسوس! نمازن کان ايتري قدر دوري ھئي جو مون کي اھا بہ خبر نہ ھئي تہ ڪھڙي نماز ۾ ڪيتريون رڪعتون ھونديون آھن.** آخر رحمت جو در کليو ۽ منھنجي قسمت ھيئن چمڪي جو منھنجي ملاقات پنھنجي ھڪ دوست سان ٿي جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ھو، ان مون کي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي دعوت ڏني، دوست جي ڳالھ ٽاري نہ سگھيس ۽ ٽن ڏينھن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان مون کي زندگي جي مقصد جي خبر پئي، پنھنجي گناھن تي شرمندگي ٿي، منھنجي اکين تان غفلت جو پردو ھٽي ويو، دِل جي حالت تبديل ٿي وئي، مون گناھن کان توبہ ڪئي ۽ دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ زندگي گذارڻ لڳس.[1]

دل کی کالک دُھلے مرضِ عصیاں ٹلے — آؤسب چل پڑیں قافلے میں چلو
کر سفر آئیں گے، تو سُدھر جائیں گے — اب نہ سستی کریں، قافلے میں چلو[2]

---

1...رسائل مدنی بہار، صفحہ:74۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:669-672۔

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو (Madani Qaida). هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (Audio) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (Click) ڪندؤ، آڊيو (Audio) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق (Practice) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپلي ڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري وٺو، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## مسواڪ (ڏندڻ) ڪرڻ جون سنتون ۽ آدابَ

بہ فرامينِ مصطفٰيصَلَّی اللّٰه عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1) بہ رڪعتون ڏندڻ ڏئي ڪري پڙهڻ بنا

[1] مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

مسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهي.[1] (2) ڏندڻ جو استعمال پنهنجي پاڻ تي لازم ڪريو ڇوتہ هن ۾ وات جي صفائي ۽ ربّ جي رضا جو سبب آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! حضور نبيِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ هر رات ڪوڙ پيرا ڏندڻ ڪندا هئا، هر پيري سمهڻ وقت بہ ۽ جاڳڻ وقت بہ ❁ بنا سني نيّتن جي ڏندڻ جا طبي فائده (*Physical Benefits*) حاصل تہ ٿيندا پر ثواب نہ ملندو. مثال طور وُضو جي لاءِ ڏندڻ ڪرڻو هجي تہ هيئن ٿي نيّتون ڪري وٺو: ❁ (1) رضاءِ الٰهي (2) سنّت جي ادائيگي ۽ (3) ذڪر ۽ درود جي لاءِ پنهنجي وات کي صاف رکڻ جي لاءِ ڏندڻ ڪندس مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص ڏندڻ جو عادي هجي مرڻ وقت ان کي ڪلمو پڙهڻ نصيب ٿيندو.❁ حضرت عبد الله ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُما کان روايت آهي تہ ڏندڻ ۾ 10 خوبيون (*Qualities*) آهن: (1) وات صاف ڪندو آهي (2) مهارن (*Gums*)کي مضبوط بڻائيندو آهي (3) نظر وڌائيندو (4) بلغم (*PHLEGM*) ختم ڪندو آهي (5) وات جي ڌپ دور ڪندو آهي (6) سنت جي موافق آهي (7) ڏندڻ ڪرڻ واري سان ملائڪ خوش ٿيندا آهن (8) ڏندڻ ڪرڻ واري سان ربّ راضي ٿيندو آهي (9) ڏندڻ نيڪي وڌائيندو ۽ (10) معدو(*Stomach*) درست ڪندو آهي. ❁ ڏندڻ ساجي هٿ ۾ هن طرح پڪڙيو جو ننڍي آڱر ان جي هيٺيان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿي ۽ آڱوٺو چوٽيءَ تي هجي. ❁ ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ ڇوتہ هيءُ سنّت ادا ڪرڻ جو آلو آهي، ڪنهن جڳهہ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن ٻڌي ڪري سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو.[3]

---

[1] اَلتَّرغِيْب وَالتَّرہِيب، ڪتاب: الطہارۃ، الترغيب فی السواک، صفحہ:86، حديث:18۔
[2] مسندَ امام احمد، جلد:2، صفحہ:438، حديث:5869۔
[3] 550 سنتيں اور آداب، صفحہ:47-50۔

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو،

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1] … القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2] … افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] … القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4] … الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد      صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455